FEDERAL PUBLIC SERVICE COMMISSION
COMPETITIVE EXAMINATION-2023
FOR RECRUITMENT TO POSTS IN BS-17
UNDER THE FEDERAL GOVERNMENT

Roll Number

SINDHI

TIME ALLOWED: THREE HOURS	**PART-I (MCQS) MAXIMUM MARKS = 20**
PART-I(MCQS): MAXIMUM 30 MINUTES	**PART-II MAXIMUM MARKS = 80**

NOTE: (i) Part-II is to be attempted on the separate **Answer Book.**

(ii) Attempt **ONLY FOUR** questions from **PART-II.** Answer must be written in **respective language** except where specified in the question paper. **ALL** questions carry **EQUAL** marks.

(iii) All the parts (if any) of each Question must be attempted at one place instead of at different places.

(iv) Write Q. No. in the Answer Book in accordance with Q. No. in the Q.Paper.

(v) No Page/Space be left blank between the answers. All the blank pages of Answer Book must be crossed.

(vi) Extra attempt of any question or any part of the question will not be considered.

PART-II

سوال نمبر2: "سنڌي ٻولي فطرت مان ڦٽي نڪتي آهي" سنڌي ٻولي بابت هي خيال ڪنهن جو آهي؟ سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت نظرياتي بحث ڪندي توهان پنهنجا ويچار لکو. **(20)**

سوال نمبر3: مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو مثال ڏيئي لکو. **(20)**

سوال نمبر4: نظم ، آزاد نظم، نثري نظم ۽ تجريدي نظم ۾ ڪهڙو فرق آهي ؟ مثالن سان واضح ڪريو. **(20)**

سوال نمبر5: انگريزن جي دور ۾ سنڌي ناول جو فڪري اپياس حوالن سان لکو. **(20)**

سوال نمبر6: سنڌي ڊرامي جو ارتقائي جائزو لکندي ، ڊرامي ڪاڪ محل تي تبصرو ڪريو. **(20)**

سوال نمبر7: **(الف)** شاهه لطيف اٽ جو ذڪر ڪهڙن ۽ ڪيترن نالن سان ڪيو آهي. ڪي به پنج بيت لکو جنهن ۾ اٽ جا مختلف نالا استعمال ٿيل هجن. **(10)** **(20)**

(ب) هيٺين مان ڪن به بن ڪردارن تي نوٽ لکو.

(i) سهڻي (ii) نوري (iii) لاکو ڦلاڻي **(10)**

سوال نمبر8 **(a)** **هيٺ ڏنل سنڌيءَ ۾ لکيل پئراگراف جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪريو.** **(10)**

"شاعري فلسفي جي ماءُ آهي. هر فلسفو ابتدا ۾ شاعراڻو خيال ئي هوندو آهي؛ جنهن کي بعد ۾ منطق ۽ دليل وسيلي ثابت ڪيو وڃي ٿو. خيال جي ثابتي رڳو سائنس ۽ منطق ۾ ئي ممڪن آهي. شاعريءَ کي ڇڏي؛ سائنس ۽ منطق کان سواءِ ٻيا سڀ طور طريقا عقيدن جي ڇانو ۾ هلندا آهن ۽ عقيدا ثابتي ناهن گهرندا. ڪنهن به خيال جي سڌي سنئين ثابتي ته شاعريءَ مان به ناهي ملندي پر شاعريءَ ۾ ڪي اهڃاڻ ممڪن آهن جيڪي فلسفي ۽ سائنس وسيلي ثابت ٿيا آهن.اها حقيقت آهي ته ڪنهن به خيال جو ذهن ۾ ڦٽڻ، اسرڻ ۽ پئدا ٿيڻ بنيادي طور تي شاعري ئي آهي".

(b) **هيٺ ڏنل انگريزي پيراگراف جو سنڌي ۾ ترجمو ڪريو؟** **10)** **(20)**

"Bilingual children use whichever linguistic means is available to them to establish themselves as bilingual speakers. If dominance in one language stands in the way of conversing in the other, children compensate by producing accented speech and making sure that they restrict this to home conversations with their parents".

****